هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

29-Sept-2016



## اسلافِ ڪرام جا شرم و حياء جا واقعات

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اسلافِ ڪرام جي شرم و حيا جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جڏهن جُمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اُهي خميس ۽ جُمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا لکندا آهن.(1)

ذات ہوئی اِنتِخاب وَصف ہوئے لاجواب نام ہوا مُصطَفیٰ تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش، ص۲۶۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1...كنز العمال،كتاب الاذكار،الباب السادس فى الصلاة ...الخ ،الجزء١،١/٢٥٠، رقم:٢١٧٤

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انهن کان ته ملائڪ به حياء ڪندا آهن

اُمّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي ته هڪ ڀيري رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي چادر اوڍي پنهنجي بستر ۾ جلوه فرما هئا. انهيءَ دوران ابوبڪر (صديق) رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اندر اچڻ جي اجازت طلب ڪئي، ته پاڻ انهن کي اجازت ڏني، پوءِ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي ضرورت پوري فرمائي ۽ اهي موٽي ويا

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

جڏهن تہ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چادر ۾ انهي حال ۾ تشريف فرما رهيا، پوءِ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان (حضرت) عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اجازت طلب ڪئي تہ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي اجازت ڏني ۽ انهن جي ضرورت بہ پوري فرمائي تہ اهي بہ هليا ويا جڏهن تہ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چادر ۾ انهي حال ۾ تشريف فرما رهيا، پوءِ (حضرت)عثمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن اچڻ جي اجازت طلب ڪئي ۽ تشريف فرما ٿيا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڌا ٿي ويهي رهيا ۽ (سيده) عائشہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي فرمايائون: پنهنجي چادر ونو! پوءِ (حضرت) عثمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي حاجت پوري ڪئي تہ اهي بہ هليا ويا، (اُمّ المومنين حضرت) عائشہ عرض ڪيو: يارَسُوۡلَ الله!ابوبڪر ۽ عمر (رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنۡهُمَا) جي اچڻ تي توهان اهڙو اهتمام نہ فرمايو جهڙو (حضرت) عثمان ( رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي لاءِ فرمايو؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: عثمان نهايت حيا دار شخص آهي، جيڪڏهن انهن کي انهيءَ حال ۾ اجازت ڏيان هان تہ اهو انديشو هو تہ انهن جي ضرورت پوري نہ ٿئي ها، (يعني اهي بغير ڳالهائڻ جي واپس موٽي وڃن ها.)

(مسلم،باب فضائل عثمان ابن عفان، ص:١٣٠٧،حديث:٢٤٠٢)

يا اِلٰہی دے ہمیں بھی دولتِ شرم و حیا
حضرتِ عثماں غنیِ با حیا کے واسطے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تربِيت يافتہ پيارا صحابي حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني ذُو النُّورَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪيتري قدر شرم ۽ حيا وارا هئا جو خود شرم و حيا جا پيڪر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سندن حَيا جو احترام فرمائيندا هئا ۽ اللّٰه تعاليٰ جا مَعصُوم ملائڪ بہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان حيا ڪندا هئا. حضرت سيدُنا عبدالله بن عامر بن ربيعہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا (محاصري واري ڏينهن) اسان امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ وٽ

هئاسين. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون نہ زمانۂ جاهليت ۾ ڪڏهن بدڪاري ڪئي هئي ۽ نہ ئي اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ. (بلڪ) اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ منهنجي حياء ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو.“

(سنن النسائي ،كتاب المحاربة ،باب ذكر ما يحل به دم المسلم ، الحديث ٤٠٢٤،ص ٢٣٥١، مختصرا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني ذُو النُّورَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي نهايت ئي پياري وصف ”شرم ۽ حيا“ جي باري ۾ ايمان افروز واقعو ٻڌو، 18 ذُوالْحِجَّة الْحَرَام تي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو يومِ عُرس، يومِ شهادت ملهايو ويو. اچو! انهيءَ مناسبت سان پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مبارڪ سيرت جون ڪجھ جهلڪيون ٻڌون ٿا:

♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو نالو ”عثمان“ ڪنيت ”ابوعَمرو“ ۽ لقب ”جامِعُ القرآن ۽ ذُوالنّورين“ آهن ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ خُلَفاءِ راشِدين ۾ ٽيا خليفہ آهن ♣ سرڪارِ عالم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون 2 شهزاديون پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي نڪاح ۾ هڪ ٻئي پٺيان آيون ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ شڪل ۽ صورت ۾ حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گهڻا مشابہ هئا ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شان ۾ قرآني آيتون نازل ٿيون ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان ملائڪ بہ حياءُ ڪندا هئا ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ راهِ خدا ۾ 2 ڀيرا هجرت ڪئي ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وڏاواپاري ۽ بي حد سخي هئا ♣ نبيءِ رحمت، مالڪِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي جنّت جي خوشخبري ٻڌائي♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ 82 سالن جي عمر ماڻي. ♣ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وڏي ئي مظلوميت سان، روزي جي حالت ۾ تلاوتِ قرآن ڪندي شهادت جو مرتبو ماڻيو.

رکھا محصُور ان کو بند ان پر کر دیا پانی
شہادت حضرتِ عثمان کی بے شک ہے لاثانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني آقا جن جو شرم ۽ حياءُ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو ته جڏهن آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ صحابي جي شرم ۽ حياء جو اهو عالم آهي ته پوءِ خود شرم ۽ حياء جي پيڪر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياء جو عالم ڇا هوندو، جيئن

مدني آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شرم ۽ حَياء جي باري ۾ مشهور صحابيءِ رسول حضرت سَيِدُنا ابُوسعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته نبيءِ اڪرم، رسولِ مُحتشم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڪان به وڌيڪ شرميلا هئا جيئن ڪنواري ڇوڪري پنهنجي پردي ۾ شرميلي هوندي آهي. (مشكاة،كتاب احوال القيامة...الخ،٢/٣٦٥،حديث:٥٨١٣)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪيل حديث جي شرح ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڪنواري ڇوڪري جي جڏهن شادي ٿيڻ واري هوندي آهي ته ان کي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهاريو ويندو آهي. ان کي سنڌي ۾ وناء ويهارڻ چيو ويندو آهي، هن عرصي ۾ ڇوڪري تمام گهڻي شرميلي هوندي آهي، گهر وارن کان به شرم ڪندي آهي، ڪنهن سان گهڻو ناهي ڳالهائيندي، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شرم ان کان به وڌيڪ هئو، حياء انسان جو خاص جوهر آهي جيترو ايمان قوي (هوندو) ايترو حيا (به) گهڻو هوندو. (مرآة المناجيح،٨/٤٣)

آقا کی حیا سے جُھکی رہتی نظر اکثر　　آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! 　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عُموماً زندگي ۾ انسان کي ٽن حالتن مان گذرڻو پوي ٿو (1) ننڍپڻ (2)جواني ۽ (3) پوڙهائپ. ننڍپڻ ۾ انساني طبيعت راند روند ڏانهن مائل هوندي آهي، پوڙهائپ ۾ عضوا ڪمزور ٿي ويندا آهن، بيماريون قابو

ڪنديون آهن، گناهن ڏانهن رُجحان گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ عبادت جي رغبت پيدا ٿي ويندي آهي، جڏهن تہ جواني زندگي جو اهو اَهم دَور آهي جنهن ۾ انساني طبيعت تي نفساني خواهشن جو غلبو گهڻو ٿيندو آهي، جيئن تہ زندگي جي هن حصّي ۾ جسم جا عضوا سلامت ۽ تندرست هوندا آهن تہ نوجوان ”جواني ديواني آهي“ جي مطابق پنهنجي مقصدِ حيات کي وساري ڇڏيندا آهن ۽ زندگي جي انهن قيمتي لمحن کي رضاءِ اِلٰهي وارن ڪمن ۾ گذارڻ بدران بي حيائي جي ڪمن ۾ برباد ڪندا آهن. ان ڪري نوجوان نسل کي بي حيائي جي تباهيءَ کان بچائڻ جي لاءِ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مثالي زندگي هڪ آئيڊيل جي حيثيت رکي ٿي، انهن نيڪ هستين کي نفس ۽ شيطان لک برائي تي اُڀاري پر اُهي پاڪ هستيون جواني ۾ بہ حياء جو دامن مضبوطيءَ سان جهلي رکندا هئا ۽ ان جي بدلي ۾ اللّٰه تعاليٰ جي بارگاهہ مان انعام ۽ اڪرام جا حقدار بڻجندا هئا. اچو! اهڙي ئي هڪ باحيا نوجوان جي ايمان افروز حڪايت پڙهون ٿا، جيئن

## بيشڪ مون کي ﴿2﴾ جنّتون عطا ڪيون ويون

حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مبارڪ زماني ۾ هڪ نوجوان نهايت متقي ۽ پرهيز گار ۽ عبادت گذار هو. حضرت سَيِّدُنا عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ بہ ان جي عبادت تي تعجب ڪندا هئا. اهو نوجوان نمازِ عشاء مسجد ۾ ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پوڙهي پيءُ جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ ويندو هو. رستي ۾ هڪ خوبصورت عورت ان کي پاڻ ڏانهن سڏيندي هئي، پر اهو نوجوان ان ڏانهن ڌيان ڏيڻ بغير نگاهون هيٺ ڪري هليو ويندو هو. آخرڪار هڪ ڏينهن اهو نوجوان شيطان جي وسوسي ۽ ان عورت جي دعوت تي بُرائي جي ارادي سان ان ڏانهن اڳتي وڌيو، پر جڏهن ان جي دروازي وٽ پهتو تہ ان کي اللّٰه تعاليٰ جو هي فرمانِ عاليشان ياد اچي ويو:

سيپارو 9، سُوْرَہ اَعْرَاف، آيت نمبر 201

اِنَّ الَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّہُمۡ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّیۡطٰنِ تَذَکَّرُوۡا فَاِذَا ہُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۱﴾ (پ۹،الاعراف ۲۰۱)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** بيشڪ جيڪي تقويٰ وارا آهِن. جڏهن اُنهن کي ڪنهن شيطانِي خيال جو ڌڪ لڳي تو تہ هوشيار ٿِي وڃن تا اُنهيءَ وقت سندن اکيون کُلِي وڃن ٿِيُون.

هن آيت سڳوري جي ياد ايندي ئي ان جي دل ۾ اللہ تعاليٰ جو خوف ايتري قدر غالب ٿيو جو اهو بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. جڏهن اهو گهڻي دير تائين گهر نہ پهتو تہ ان جو پوڙهو پيءُ ان کي ڳولهيندي اتي پهتو ۽ ماڻهن جي مدد سان ان کي کڻائي گهر وٺي آيو، هوش اچڻ تي پيءُ پورو واقعو معلوم ڪيو، نوجوان سچو واقعو بيان ڪري جڏهن ان آيتِ پاڪ جو ذڪر ڪيو، تہ هڪ ڀيري ٻيهر ان تي اللہ تعاليٰ جو شديد خوف غالب ٿيو، ان هڪ زور دار رڙ ڪئي ۽ ان جو ساهہ نڪري ويو. راتو رات ان جي غسل ۽ ڪفن دَفْن جو اِنتظام ڪيو ويو. صبح جڏهن هي واقعو حضرت سَيدُنا عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ٻڌايو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن جي پيءُ وٽ تعزيت جي لاءِ تشريف کڻي ويا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن انهن کي فرمايو تہ اسان کي رات جو ئي اطلاع چو نہ ڏِني، اسان بہ جنازي ۾ شريڪ ٿيون ها؟ ان عرض ڪيو، اميرُ المؤمنين! توهان (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي آرام جو خيال ڪندي مُناسب معلوم نہ ٿيو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو تہ مون کي ان جي قبر تي وٺي هلو. اتي پهچي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها آيتِ مبارڪ پڙهي: سيپارو 27، سُوْرَہ رَحْمٰن ، آيت نمبر46

وَ لِمَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّہٖ جَنَّتٰنِ ﴿ۚ۴۶﴾ (پ۲۷، الرحمن۴۶)

**ترجَموڪنزالايمان:** ۽ جيڪو پنهنجي رب جي درگاهہ ۾ بيهڻ کان ڊڄي ان جي واسطي ٻہ جنتون آهن.

تہ قبر مان ان نوجوان بلند آواز سان پُڪاري چيو: يا اميرالمؤمنين! بيشڪ منهنجي رَبّ تعاليٰ مون کي ٻہ جنتون عطا فرمايون آهن. (شرح الصدور، ص۲۱۳)

فرما کے شفاعت مِری اے شافعِ محشر!
دوزخ سے بچا کر مجھے جنّت میں بسانا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته الله وارن جو جواني جي عالَم ۾ به عبادتون ڪرڻ ۽ بي حَيائي کان بچڻ جو ڪيتري قدر پَڪو مدني ذهن ٺهيل هو جو جواني ۾ به اڪثر وقت عبادتِ الٰهي ۽ والدين جي خدمت ۾ گذرندو هو، اهي حضرات شيطاني چالِن کان هردَم هوشيار رهندا هئا، انهيءَ ڪري گُناهه تي قُدرت جي باوُجود به پنهنجي نگاهن جي حفاظت ڪندا هئا ۽ پنهنجو پاڪ دامن بي حيائي وارن ڪمن کان داغدار ٿيڻ کان بچائيندا هئا. ياد رکو! شيطان مسلمانن جو ازلي دشمن آهي ان جي پوري ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن طرح مسلمانن کي نيڪ ماڻهن واري راهه تان هٽائي برائين ڀري راهه تي لڳائي ڇڏي ته جيئن معاشري مان حياء جو وجود مٽجي وڃي ۽ بي شرمي ۽ بي حيائي وڌ کان وڌ عام ٿيندي وڃي. ان ڪري عقلمند کي کپي ته اهو شرم ۽ حياء جي انهن علمبردارن يعني اسلافِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡهِم جي دامن کي مضبوطي سان جَهلي رکي ۽ لعنتي شيطان جي خلاف جنگ جاري رکي ۽ هرگز هرگز شيطان جي ورغلائڻ ۾ نه اچي.

شيطان جي خلاف جنگ ــــ جاري رهندي
شيطان جي خلاف جنگ ــ جاري رهندي
شيطان جي خلاف جنگ ــ جاري رهندي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

الله تعاليٰ مسلمانن کي شيطان جي پيروي کان منع فرمايو آهي، جيئن سيپاري 2 سُوۡرَۃُ الۡبَقَرَۃ جي آيت نمبر 168 ۽ 169 ۾ ارشاد آهي:

وَّلَا تَتَّبِعُوۡا خُطُوٰتِ الشَّیۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَکُمۡ عَدُوٌّ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۶۸﴾ اِنَّمَا یَاۡمُرُکُمۡ بِالسُّوۡٓءِ وَ الۡفَحۡشَآءِ وَ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا عَلَی اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶۹﴾
(پ۲،البقرة:۱۶۹-۱۶۸)

**ترجَموڪنز الايمان:** ۽ شيطان جي پيرن تي نه هلو بيشڪ اُهو اوهان جو کُليو کُلايو دُشمن آهي. اُهو ته اوهان کي بِڇڙائِيءَ ۽ بي حيائِيءَ جو ئِي حُڪم ڏيندو ۽ هِي ته اوهان الله تي اِهڙِي ڳاله ٺاهيو جِنهن جِي اوهان کي خبر نه آهي.

## شيطان جو ڪم ڪهڙو آهي؟

هنن آيتن جي تحت تفسير ۾ آهي تہ شيطان جو ڪم ئي اهو آهي تہ اهو ماڻهن کي برائي ڏانهن سڏي، ڪفر ۽ شرڪ ڏانهن، الله تعالٰي جي باري ۾ غلط عقيده منسوب ڪرڻ ڏانهن يا ان جي حلال ڪيل کي حرام چوڻ ۽ ان جي حرام ڪيل کي حلال چوڻ ڏانهن، بُرن ڪمن مثال طور ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي، بُهتان، لڙائي فساد، حسد، بغض ۽ ڪيني وغيره ڏانهن سڏي. اهڙي طرح بي حيائي جي ڪمن ڳائڻ وڄائڻ، فلمون، ڊراما، ناچ، بدنگاهي، فحش گفتگو، برين ڳالهين، ناجائز تعلقات، بُري نيت سان ڏسڻ، ڇُهڻ، بدڪاري وغيره گناهن ڏانهن سڏڻ شيطان جو ڪم آهي. افسوس جي ڳالھ آهي جو اڄڪلھ انهن بُرائين مان گهڻين شين ڏانهن سڏڻ ۾ گهروارن ۽ دوست عزيز، گهر، بازار، معاشري، افسر وغيره جو تعاون يا ترغيب هوندي آهي.

في زمانہ هن ترقي يافتہ دور ۾ بي حيائي ۽ بي شرمي جا اهڙا ڪيئي مثال مَوْجُود آهن جو هڪ پيءُ پنهنجي ڌيءَ ۽ مڙس پنهنجي زال جنهن سان ان کي غير مردن کان پردو ڪرائڻو هو، اهو خود ئي شادي ڪاڄ ۽ ٻين تقريبن ۾ غير مردن سان پيءُ پنهنجي بي پرده ڌيءُ جو ائين تعارف ڪرائيندو آهي تہ ”هن سان ملو هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي۔“ مڙس چوي ٿو تہ ”هيءَ منهنجي زال (Wife) آهي۔“ ۽ پوءِ اهو اجنبي شخص بہ بي شرميءَ جو مظاهرو ڪندي اکيون ڦاڙي ڏسندو آهي ۽ وڏي بي شرمي ۽ بي حيائي مان چوندو آهي ”اوهان سان ملي نهايت خوشي ٿي.“ ماڻهن جي هن انداز سان تہ ڄڻ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جي معاشري مان شرم ۽ حياء ئي ختم ٿي ويو آهي. اهڙن ماڻهن جي مذمّت ڪندي نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ٽي شخص اهڙا آهن، جن لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جنّت حرام فرمائي ڇڏي آهي ، هڪ اهو شخص جيڪو هميشہ شراب پيئي، ٻيو اهو شخص جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ

جي نافرماني ڪري ۽ ٽيو اهو ڏيوث جيڪو پنهنجي گهر وارن ۾ بي غيرتي جي ڪمن کي برقرار رکي. (مسند احمد/حديث)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجن گهروارن، عزيزن، رشتيدارن ۽ تمام مسلمانن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي اسلامي تعليمات جي مطابق شرعي پردو ڪرڻ جو ذهن ڏيڻ گهرجي ڇوته اسلام ئي اهڙو مذهب آهي جيڪو عورت جي عزّت ۽ عِصمَت جو محافظ آهي، تڏهن ته ان کي گهر جي چار ديواري ۾ رهندي، گهريلو معاملن سان گڏوگڏ ٻارن جي بهتر تعليم ۽ تربيت جي ذميداري ڏني وئي آهي. جيئن ته هن باري ۾ سيپارو 22 سُوْرَه اَحْزَاب جي آيت نمبر 33 ۾ ارشاد آهي:

وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22 الاحزاب 33)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٽڪيون رهو ۽ بي پرده نه رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ وانگر.

هڪ ٻئي جڳهه تي ارشاد ٿئي ٿو سيپارو 18، سُوْرَةُ نُوْر، آيت نمبر 31

وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَيَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَ لْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ۪ وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ (پ١٨، النور:٣١)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ مسلمان عورتن کي حڪم ڏيو ته پنهنجون نظرون ڪجهه جهڪيون رکن ۽ پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجو سينگار نه ڏيکارين مگر جيترو پاڻ ظاهر هجي ۽ جڳائي ته پنهنجي گريبانن کي رئوا ويڙهي رکن ۽ پنهنجي سينگار کي ظاهر نه ڪن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاشري جي بگاڙ ۽ سُڌار ۾ عورت جو هڪ وڏو ڪردار هوندو آهي، مثال طور جيڪڏهن عورت نيڪ،پرهيزگار ۽ حيادار هوندي ته اُهي ئي خوبيون ان جي نسلن ۾ به منتقل ٿينديون تنهنڪري عورتن کي

گُهرجي تہ اهي ناجائز فيشن ڪرڻ، بلاضرورت شاپنگ سينٽرن، بازارن، مخلوط تفريح گاهن، مخلوط تعليمي ادارن ۾ بي حيائي جي هنڌن جي زينت بڻجڻ جي بدران اُمَّهاتُ الْمُؤمنين ۽ آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهزادين بالخصوص شهزاديءِ ڪونين، خاتونِ جنت رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا جي پاڪيزه سيرت ۽ ڪردار مان سبق حاصل ڪندي چادر ۽ چار ديواري ۾ رهڻ کي پنهنجي عادت ۾ شامل ڪن، ڇوتہ هي اُهي مقدَّس هستيون آهن جن ۾ صحبتِ مصطفٰي جي بدولت حيا جو مادو تمام گهڻو موجود هو. خُصوصاً آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاڏلي شهزادي خاتونِ جنت رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا جي حياء جو عالَم تہ نهايت قابلِ ديد ۽ پيروي لائِق آهي. اچو! پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا جي بي مثال شرم ۽ حياء بابت هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## خاتونِ جنّت جو پردو

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري وصال کان پوءِ خاتونِ جنّت، شهزاديءِ ڪونين، حضرت سيدتُنا فاطمةُ الزَّهراء رَضِي اللہ تَعَالٰی عَنْهَا تي **غمِ مصطفٰي** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو سندن چپن جي مُرڪ ئي ختم ٿي وئي!** پنهنجي وصال کان اڳ صرف هڪ ئي ڀيرو مُرڪندي ڏٺيون ويون. ان جو واقعو ڪجهہ هيئن آهي: حضرت سيدتنا **خاتونِ جنت** رَضِي اللہ تَعَالٰی عَنْهَا **جن کي** اها ڳڻتي هئي تہ سڄي عمر تہ غير مردن جي نظرن کان پاڻ کي بچائي رکيو آهي، هاڻي ڪٿي وفات کان پوءِ منهنجي **ڪفن پوش لاش تي** ئي ماڻهن جي نظر نہ پئجي وڃي! هڪ موقعي تي حضرت سيدتُنا **اَسْماء بِنتِ عُمَيس** رَضِي اللہ تَعَالٰی عَنْهَا **چيو:** مون حبشہ ۾ ڏٺو آهي تہ جنازي تي وڻ جون ٽاريون ٻَڌي هڪ ڏولي وانگر ٺهائي اُن تي پردو وجهي ڇڏيندا آهن. پوءِ پاڻ ڪجيءَ جون ٽاريون گهرائي انهن کي جوڙي ان تي ڪپڙو وجهي **سيده خاتونِ جنت** رَضِي اللہ تَعَالٰی عَنْهَا کي ڏيکاريو. پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيون ۽ چپن تي مُرڪ اچي وئي. بس اها ئي هڪ مُرڪ هئي جيڪا سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان پوءِ ڏٺي وئي.“ (جذب القلوب الٰي ديار المحبوب، ص١٥٩)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !چشمِ فلڪ حياءُ جو اهڙو انوکو نظارو شايد ئي ڪٿي ڏٺو هوندو، ان باوجود جو وصالِ مُصْطَفٰي کان پوءِ سڄي ڄمار غمِ مصطفٰي جو غلبو رهيو، پر ان جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا آخري ساهه تائين حيا جو دامن مضبوطي سان جهلي رکيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي فقط اها ئي ڳڻتي رهي ته ڪٿي مرڻ کان پوءِ منهنجي ڪفن تي ڪنهن غير مرد جي نگاهه نه پئجي وڃي.

اهڙي طرح صحابيءِ رسول حضرتِ سيدَتُنا اُمِّ خلّاد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو واقعو آهي هڪ جنگ ۾ سندن پٽ شهيد ٿي ويو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ نقاب وجهي باپرده بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيون، انهيءَ تي ڪنهن حيرت سان چيو: هن وقت به اوهان نقاب وجهي رکيو آهي! چوڻ لڳيون: مون پٽ ضرور وڃايو آهي، حياءُ ناهي وڃايو.
(سُنَنُ اَ بِي دَاودج٣ ص٩حديث٢٤٨٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! پردي جو اهتمام جو پٽ شهيد ٿيڻ جي باوُجُود سيدَتُنا اُمِّ خلّاد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها "پردو" برقرار رکيو. پر افسوس! في زمانه مغربي تهذيب کان متاثر ٿي اسان جي معاشري ۾ پردي کي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ بوجھ سمجھڻ شروع ڪيو آهي. ياد رکو! شيطان اهو ئي چاهي ٿو ته ڪنهن طرح عورت کي بي پرده ڪري شرم ۽ حياءُ کي سَرِبازار ليڙون ليڙون ڪيو وڃي ۽ مردن کي بدنگاهي جي آفت ۾ وجهي انهن کي به ربّ قهار جي ناراضي ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار بڻايو وڃي، تڏهن ته شيطان ۽ ان جي پيروڪارن پهريان اهو نَعْرو بُلَند ڪيو ته "مرد ۽ عورت کلهو کلهي سان ملائي هلن، ان جي اها نُحُوست ظاهر ٿي ته گهر جي چارديواري ۾ مَحْفُوظ عورت بي پرده ٿي گهر کان ٻاهر نڪري آئي ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو جملو به ٻُڌڻ جي لاءِ مليو ته ليڊيز فرسٽ (Ladies First) يعني " پهرين خواتين " يعني پهرين ته عورت کي مرد سان کلهو کلهي سان ملائي بيهاريو ۽ پوءِ هڪ قدم اڃا وڌيڪ اڳتي پهچايو. اسان جون عورتون اهو سمجھڻ لڳيون ته هن جُملي جي ذريعي معاشري ۾ اسان کي عِزت وقار ڏنو پيو وڃي حالانڪ هن جُملي جو مَقصَد هن

صِنفِ نازُڪ کي بي وُقُوف بڻائي ان جي حُسن وجمَال کي پنهنجي مالي فائدن کي حاصل ڪرڻ جو ذرِيعو بڻائڻ آهي، جنهن جو مُظَاهرَو فيشن شَوز ( Fashion Shows)،بِل بورڊز(Billboards) ۽ اِشْتِهارات (Advertisement) جي ذريعي سرِ عام ٿيندو آهي. اهڙي طرح دفترن (Offices)، بينڪن (Banks) ۽ اسپتالن (Hospitals) غرض جتي وجو خاص ڪري اِستِقبالِيہ (Receptions) تي مَادِرن ڇوڪرين (Modern Girls) کي ئي رکيو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهن جي توجہ حاصل ڪري پنهنجي ڪاروبار (Business) کي تَرَقّي ڏني وڃي بلڪ هاڻي تہ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ نوجوان عورتن سان هٿ ملائڻ (Handshake) تائين کي بُرو مَحْسُوس ناهي ڪيو ويندو. اچو! ڏِٺو، جيڪڏهن ڪو بي شرم ۽ بي حيا ڪنهن غير عورت سان هٿ مِلائيندو آهي تہ ان جي آخرت ۾ ڪهڙي سزا آهي جيئن تہ

## غيرعورت سان هٿ ملائڻ جي سزا:

شهنشاهِ خوش خِصال، پيڪرِ حُسن وجمال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جنهن بہ ڪنهن اَجنبيہ عورت سان مصافحو ڪيو (يعني هٿ ملايو) اهو قيامت جي ڏينهن اِنَ حال ۾ ايندو جو اُن جا هٿ باهہ جي زنجيرن سان اُن جي ڪنڌ ۾ ٻڌل هوندا.“ (نيڪيون کي جزائين اورگناهون کي سزائين،ص38)

ڪرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی

آخرت میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عورت جو مختلف ادارن ۾ بي پرده نوڪري (job) ڪرڻ، سنهو لباس پائي بازارن ۽ تفريح گاهن جو رخ ڪرڻ سان بي شرمي ۽ بي حيائي وڌيڪ وڌندي پئي وڃي ۽ ان بي پردگي جي ڪري مَردن ۾ بدنگاهي بہ عام ٿي رهي آهي .اڄ اسان جا نوجوان بدنگاهي جا عادي ٿيندا پيا وڃن، اهي پنهنجي هن گندي مَقصَد جي خاطِر گهٽي پاڙن، بازارن، شاپنگ سينٽرن، تفريح گاهن، اسڪولن، ڪاليجن الغرض جتي جتي بي پرده عورتن

جو ميڙ ٿيندو آهي، اتي ڏڪا کائيندا، خوب بدِنگاهي ڪندا ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو سامان ڪندا آهن. ياد رکو! عورت کي گندي نظر سان ڏسڻ انسان جو نه بلڪ شيطان جو ڪم آهي. اچو بدنگاهي جي مذمت تي ٽي (3) فرامينِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا:

1. اَلْمَرْاَۃُ عَوْرَۃٌ فَاِذَا خَرَجَتْ اِسْتَشْرَفَهَا الشَّيْطَانُ.عورت عورت (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آهي جڏهن اها نڪرندي آهي ته شيطان ان کي جهانڪي جهانڪي ڏسندو آهي.
(ترمذي، ۲ /۳۹۲، حديث:۱۱۷۶)

2. زِنَا الْعَيْنِ النَّظَرُ. اکين جي بدڪاري ڏسڻ آهي.
(ابو داود،ڪتاب النڪاح،باب في ما يؤمر به من غض البصر،۲ /۳۵۸، حديث:۲۱۵۲)

3. الله جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيوبْ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حلاوت نشان آهي ته حديثِ قُدسي آهي: نظر ابليس جي تِيرن مان زهر مان پڙيل هڪ تِير آهي، پوءِ جيڪو شخص منهنجي خوف کان ان کي ترڪ ڪري ڇڏي ته مان ان کي اهڙو ايمان عطا ڪندس جنهن جي مناس اهو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو. (معجم الڪبير،۱۷۳/۱۰،حديث:۱۰۳۶۲)

حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِي مِنْهَاجُ الْعَابِدِين ۾ فرمائن ٿا: حضرت سيدُنا عيسٰي عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان منقول آهي ته پاڻ کي بدِنگاهي کان بچايو چوته بدِنگاهي دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي،پوءِ شهوت بدِنگاهي ڪرڻ واري کي فتني ۾ مبتلا ڪندي آهي.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته احاديثِ مُبارڪ ۾ بدنگاهي جي ڪهڙي مذمت بيان ڪئي وئي آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته هن بري عادت کان توبه ڪيون ۽ ان کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي ڪوشش به ڪيون نه ته ياد رکو! ته بدنگاهي انسان کي برباد ڪندي آهي، ان جي ڪري انسان نه صرف اللهعَزَّوَجَلَّ کي

[1] منهاج العابدين،تقوىٰ الاعضاء الخمسة، الفصل الاول :العين، ص۶۲

www.dawateislami.net

ناراض ڪندو آهي بلڪ هر وقت ان جي دل ۽ دماغ تي شيطان سوار رهندو آهي، عجيب بي سڪوني ۽ نفساني خواهشون ۽ خيالات غالب رهندا آهن ۽ پانهون نفس جي تسڪين جي لاءِ وڏيڪ هلاڪ ڪندڙ گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. اچو! بزرگانِ دين جي شرم ۽ حياء ۽ نظر جي حفاظت جا وڏيڪ واقعا پڙهون ٿا.

منقول آهي :حضرتِ سيدُنا اَسوَد بن ڪُلثُوْم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت ئي باحيا ۽ صالح نوجوان هئا. هلڻ مهل پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون نگاهون هميشه اهڙي طرح جهڪيل رهنديون هيون جو ويجهي کان گذرڻ وارن جي به خبر نه پوندي هئي. ان وَقْت گهرن جون ديوارون ايتريون بلند نه هونديون هيون. هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه گهرن جي ويجهي کان گذري رهيا هئا ته ڪنهن عورت ٻين عورتن کي چيو: جلدي گهرن اندر هليون وڃون، هڪ نوجوان اچي پيو. اهو ٻُڌي ٻين عورتن چيو: اڙي! اهي ته حضرتِ سيدُنا اَسوَد بن ڪُلثُوْم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آهن، ان جون نگاهون ته زمين تان ڪڇن ئي نٿيون پوءِ اهي ڪنهن غير عورت تي نظر چو وجهندا. ( عيون الحکايات،الحکاية السابعة والسبعون بعدالثلاثمائة،ص٣٢٩)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آئنده ڪڏهن به متي نه ڏسندس

حضرت سيدُنا مَجمَع رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڀيرو متي نِهاريو ته هڪ ڇت تي موجود ڪنهن عورت تي نظر پئجي وئي. يڪدم نِگاهه جُهڪائي ورتي ۽ ايتري قَدَر پَشيمان ٿيا جو عهد ڪري ورتائون ته آئنده ڪڏهن به متي نه ڏسندس. (احياء العلوم،۵ /۱۴۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شرم ۽ حياءُ نهايت پيارو وصف آهي، پر بدقسمتي سان اڄ جي دور ۾ گناهن جا نِت نَوَن اندازن جڙ ته غيرت جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي. شرم ۽ حياء جي چادر ليڙون ليڙون ٿيندي پئي وڃي، جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون دوستيون، مخلوط تعليمي اِدارن (Co-Education) ۾ گڏجي ”اعليٰ تعليم“ حاصل ڪرڻ جي نالي تي غيرتِ ايماني ختم ٿيندي پئي وڃي،

موبائل،انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي معلوم ناهي ڪهڙي ڪهڙي غير شرعي انداز سان هڪ ٻئي سان رابطو قائم ڪري آخرت جي بربادي جو سامان گڏ ڪيو پيو وڃي. جي ها! هاڻ نوبت صرف هڪ ٻئي سان ڳالهه ڪرڻ تائين ناهي بلڪ هڪ ٻئي کي تصويرون موڪليون ويندڀون آهن، هاڻي ته معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪيئي موقعن مثال طور عيدِ سعيد تي ته ڪڏهن جشنِ آزادي جي نالي تي، ڪڏهن غير مسلمن جي نقل ڪندي "ويلنٽائن ڊي" جي نالي تي ته ڪڏهن "اپريل فُول" جي نالي تي، ڪڏهن "پتنگ بازي" جي نالي تي ڪڏهن ٻار جي سالگره جي نالي تي اهتمام سان ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو آهي، جڻ ته بي شرمي ۽ بي حيائي عُروج تي هوندي آهي، معاذالله عَزَّوَجَلَّ بي پرده عورتون سنورجي سينگارجي دعوتِ نظاره پيش ڪري رهيون هونديون آهن، هاڻي ته سفر چاهي بس ۾ هجي يا ٽرين ۾، ڪوچ ۾ هجي يا هوائي جهاز ۾، هرجڳهه بي شرمي ۽ بي حيائي جي نظارن کان پاڻ کي بچائڻ نهايت مشڪل ٿي ويو آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ اسان جي ايمان جي حفاظت فرمائي، زبان، اک، ڪن ۽ جسم جي ٻين عضوَن جو قفلِ مدينہ نصيب فرمائي.

دوزخ کی کہاں تاب ہے کمزور بدن میں

ہر عُضْو کا عطارؔ لگا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اکين کان پياري رضاءِ الٰهي

پنهنجي زماني جا مشهور ولي حضرت سَيِدُنا يونس بن يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جوان هئا، اڪثر وقت مسجد ۾ ئي گذاريندا هئا هڪ ڀيرو مسجد مان گهر اچڻ مهل اوچتو هڪ عورت تي نگاهه پئي ۽ دل ان ڏانهن مائل ٿي پر پوءِ يڪدم ئي شرمسار ٿي توبہ ڪئي ۽ بارگاهِ اِلٰهي ۾ ائين دعا ڪئي: ''اي منهنجا پاڪ پروردگار! اکيون جيتوڻيڪ تمام وڏي نعمت آهي، پر هاڻي مون

ڪي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو آهي تہ ڪٿي اُهي منهنجي هلاڪت جو باعث نہ بڻجي وڃن ۽ مان انهن جي ڪري عذاب ۾ ڦاسي نہ وڃان، منهنجا مالڪ! تون منهنجي نظر وٺي لاهي سندن دعا قبول ٿي ۽ اُهي نابينا ٿي ويا.
(عيون الحكايات،الحكاية السابعة والاربعون بعد المائة،١٦٥)

گناہوں سے بھرپور نامہ ہے میرا
مجھے بخش دے کر کرم یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان اسان جا اسلاف ڪهڙي شرم ۽ حياء وارا هئا جو جيڪڏهن ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي ويندي هئي تہ يڪدم نگاهون جهڪائي وٺندا هئا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ توبہ ۽ استغفار ڪندا هئا، پر افسوس اولياءُ الله ڪي مڃڻ وارا، انهن جي ايصالِ ثواب جا اجتماع ڪرڻ وارا تہ گهڻا آهن، پر انهن جي مبارڪ سيرت تي عمل جي ڪوشش ڪرڻ وارا تہ گهٽ ۽ تمام گهٽ آهن، نگاهن جي حفاظت ڪرڻ وارا نهايت ٿورا آهن، شرم ۽ حيا جا پيڪر تمام ٿورا آهن، ”الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي“ اها توجهہ رکڻ وارا نهايت گهٽ آهن، ”الله عَزَّوَجَلَّ جا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحظ فرمائي رهيا آهن" اها توجهہ رکڻ وارا نهايت گهٽ آهن، آخرت جو خوف رکڻ وارا نهايت گهٽ آهن، اُخروي عذابن ڪي پيشِ نظر رکندي گناهن کان بچڻ وارا نهايت گهٽ آهن، نگاهن جي حفاظت جو ذهن رکڻ وارا تہ نهايت گهٽ گهٽ ۽ گهٽ آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اڄوڪي دور ۾ اَسلاف جي سيرت تي نہ صرف پاڻ عمل ڪندا آهن بلڪ پنهنجي متعلقين ۽ مريدين ومحبين ڪي بہ هنن نيڪ هستين جي پيروي جي ترغيب ڏياريندي خوفِ خدا، شرم ۽ حيا ۽ نگاهن جي حفاظت جو مدني ذهن ڏيندا رهندا آهن، جيئن تہ

هڪ پيري عرب امارات کان بابُ المدينہ (ڪراچي) تشريف آڻڻ کان پهريان پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه نگاهہ جي حفاظت جي حوالي سان انفرادي ڪوشش تي مشتمل هڪ اي ميل E.Mail پنهنجي وڏي شهزادي ۽ جانشين حضرت مولاناالحاج ابو اسيد عبيد رضا عطاري مدني مَدَّظِلُّه الۡعَالِي کي موڪلي، جنهن جو ڪجھ حصو پيشِ خدمت آهي:

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جمعرات ۽ جمعہ جي وچين رات P.I.A جي ذريعي رات جو اٽڪل 12 بجي روانگي آهي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رات جو ٽي (3) بجي باب المدينہ جي ائير پورٽ (Air port) تي لهي ويندا سين. جيئن تہ ائيرپورٽ (Air port) تي بي پرده عورتن سان ڀريل ماحول هوندو آهي، ان ڪري ذهن اهو ٺهي رهيو آهي تہ مان ڪنهن کي بہ ائيرپورٽ (Air port) اچڻ جو نہ چوان ڪٿي منهنجي چوڻ جي سبب اهي اچن ۽ بدنگاهين کان نہ بچي سگهن ۽ ڪٿي آخرت ۾ مون کي بہ ان جو حساب نہ ڏيڻو پئجي وڃي تہ تون جڏهن حالتن کان باخبر هُئين تہ هر هڪ اکين جو قفلِ مدينہ نہ لڳائي سگهندو تہ پنهنجي نفس کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي مطار (ائير پورٽ) تي ڇو گڏ ڪندين رهين؟ هاءِ! اڳيان حساب جي تاب ناهي، مون سمورن گناهن کان بار بار توبہ ڪئي آهي، اوهان کي گواه ڪري بہ توبھ ڪيان ٿو. استقامت جي دعا فرمائجو. (پر) حارِسين (حفاظتي اُمور وارن) جي آمد اسان جي مجبوري آهي، زهي نصيب جو صرف گاڏين جا ڊرائيور ۽ حارس تشريف آڻين ۽ اهي بہ ڪار پارڪنگ جي جڳھ تشريف رکن. (انفرادي ڪوشش،ص۱۱۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اکين جي حفاظت جي معاملي ۾ ڪيتري قدر حساس(Sensitive) طبيعت جا مالڪ آهن جو پنهنجي آمد تي استقبال جي لاءِ اچڻ جي خواهش رکڻ وارن عاشقانِ رسول کي ائير پورٽ جي حيا سوز ماحول جي پيشِ نظر پنهنجي روانگي کان پهريان ئي ائير پورٽ نہ اچڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي بلڪ نہ اچڻ جي وجہ بہ ٻڌائي ڇڏي تہ هن جڳھ تي بدنگاهي کان بچڻ نهايت دُشوار هوندو آهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”علاقائي دَورهِ براءِ نيڪي جي دعوت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلافِ ڪرام جي شرم و حياء جو صدقو ماڻهن ۾ بي حيائي جي آفت کان بچڻ ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي گلي محلي ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪيو، ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”عَلاقائي دَورو براء نيڪي جي دعوت“ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ اهو عظيم الشّان ڪم آهي جو جنهن کي حديثِ مبارڪ ۾ جِهاد جي قسمن مان (شمار ڪيو ويو) (حِلْيۃُ الْاولياء،محمد بن سوقۃ،١١/٥،حديث: ٦١٣٠ماخوذاً) جڏهن تہ هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ واري کي بهتر ماڻهن ۾ شمار فرمايو ويو آهي. (شعب الايمان،باب في صلۃ الارحام، ٦/٢٢٠، حديث: ٧٩٥٠ماخوذاً)

اچو! ترغيب لاءِ ”عَلاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“ تي مشتمل هڪ مَدَني بهار ٻُڌون ۽ پنهنجي اندر نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون جيئن تہ

## نِيت صاف منزل آسان

عَلاقائي دَورو براءِ نيڪي جي دعوت جي دَوران عاشقانِ رسول جي هڪ شرابي سان ملاقات ٿي، عاشِقانِ رسول اُن تي خُوب اِنْفرادي ڪوشش ڪئي تہ اهو هٿوهٿ انهن سان گڏجي پيو، عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان ان کي گناهن کان سچي توبہ، ڏاڙهي مُبارَڪ، سبز عمامي جو تاج ۽ مَدَني لباس جي توفيق نصيب ٿي، 6 ڏينهن مَدَني قافِلي ۾ سفر ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ نيت ڪئي پر سفر جا اَخْراجات نہ هئا. ان جي هڪ رشتيدار جڏهن مُعاشَري جي بَدنام شخص کي مَدَني حُليي ۾ ڏٺو تہ حيران ٿي ويو، جڏهن اُن کي 92 ڏينهن جي سفر جي ترڪيب ٻُڌائي وئي تہ ان رشتيدار چيو، پيسن جو فِڪر نہ ڪريو. 92 ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جو خرچ منهنجو قبول ڪريو ۽ ان سان گڏ 92 ڏينهن تائين گهر جو خرچ بہ پنهنجي ذمّي ڪڻان ٿو، ائين اهو ديوانو 92 ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافِلي جو مُسافر بڻجي ويو.

يا خُدا! نکلوں میں مدنی قافلوں کے ساتھ کاش!
سُنّتوں کی تربیت کے واسطے پھر جلد تَر!
خُوب خِدمت سُنّتوں کی ہم سَدا کرتے رہیں
مدنی ماحول اے خُدا ہم سے نہ چُھوٹے عُمر بھر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فضول ۽ فحش گفتگو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن فتني واري دَور ۾ جتي اسان جي اڪثريت بي شرمي ۽ بي حيائي وارن ٻين ڪمن ۾ مشغول نظر ايندي آهي، اتي فُضُول گوئي ۽ فحش ڪلامي بہ اسان جي معاشري ۾ ايتري قدر عام ٿي چڪي آهي جو اسان جي ڪا ملاقات هن گناھ کان محفوظ هجي نهايت مشڪل آهي،جتي ڪجھ دوست گڏ ٿيا، ڪل ٻوڳ جو سلسلو شروع ٿيو تہ ڪيئي ڪيئي ڪلاڪن تائين آخرت جي انجام کان بي خوف ٿي واهيات ۽ فحش گفتگو ۾ مگن رهندا آهن، انهن کي هن ڳالھ جو بلڪل فڪر ناهي هوندو تہ اسان جي اها گفتگو الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جو سبب بڻجي سگهي ٿي، رب تعالي تہ اسان کي اهڙين ڳالهين کان منع فرمايو آهي، جيئن سيپارو 14سُوْرَةُ النَّحل جي آيت نمبر 90 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ (پ١۴،النحل:٩٠)

**ترجَمۂ ڪنزُالايمان:** ۽ منع فرمائي ٿو بي حيائِي ۽ بُرِي ڳاله ۽ سرڪشِي کان

اسان کي بہ کپي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي هن حڪم تي عمل ڪندي ان جي رضا ۽ خوشنودي وارن ڪمن ۾ زندگي گذاريون ۽ ان جي نافرماني وارن ڪمن کان بچندي ڪامل مومن بڻجڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇوتہ فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّم جي مطابق مومن عيب ڪڍڻ وارو، لعنت ڪرڻ وارو، فحش ڳالهيون ڪندڙ ۽ بي حيا ناهي هوندو.[1] اسان جي بزرگ سڳورن جي شرم ۽ حياء جو

---

[1] . . . سنن الترمذی، کتاب البروالصلة، باب ماجاء فی اللعنة، ۳/ ۳۹۳، حدیث: ۱۹۸۴

عالم اهو هو جو فحش ۽ بُرين ڳالهين کان نہ صرف پاڻ بچندا هئا بلڪ پنهنجي متعلقين کي فحش ڳالهيون ٻُڌڻ کان بہ منع ڪندا هئا. جيئن تہ

حضرت سيدُنا احمد بن يحيي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ ”هڪ ڏينهن حضرت سيدُنا امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه قنديلن جي بازار مان نڪتا تہ اسان بہ انهن جي پويان پويان هلڻ لڳاسين ڏٺوسين تہ هڪ شخص ڪنهن عالِم کي بيهوده ڳالهيون چئي رهيو آهي، حضرت سيدُنا امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اسان ڏانهن متوجہ ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون: ”فحش ڪلامي ٻُڌڻ کان پنهنجي ڪنن کي پاڪ رکو جيئن توهان پنهنجي زبانن کي بُري ڪلام کان پاڪ رکو ٿا ڇوتہ (قصداً) ٻڌڻ وارو چوڻ واري سان گڏ شريڪ هوندو آهي ۽ بي وقوف ماڻهو ئي پنهنجي ٿانوَ (يعني دماغ) مان سڀ کان بُري ڳالهہ توهان جي ٿانون (يعني دماغن) ۾ وجهڻ جي لالچ ڪندو آهي. جيڪڏهن بي وقوف جي ڳالهہ ان ڏانهن موٽائي وجي تہ موٽائڻ وارو نيڪ بخت هوندو آهي جهڙي طرح ان جو قائل (چوڻ وارو) بدبخت هوندو آهي. (لباب الاحيا،ص ٢٩)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن مجلس ۾ فحش ۽ بيهوده گفتگو ڪئي پئي وڃي ۽ اسان روڪڻ جي قدرت بہ رکندا هجون تہ انهن کي روڪڻ گهرجي، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ تہ بُرو سمجهندي اتان کان پري ٿيڻ گهرجي. ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن جيڪي پاڻ تہ فحش گوئي کان بچندا آهن پر جيڪڏهن ڪنهن کي فحش گوئي ۽ بدڪلامي ڪندي ڏسندا آهن تہ ان جي فحش گوئي ۽ بدڪلامي کان مَعَاذَ اللهعَزَّوَجَلَّ نهايت مزو وٺندا ۽ لُطف اندوز ٿيندا آهن انهن کي بد ڪلامي کان روڪڻ جي بدران انهن جي حوصلہ اَفزائي ڪندي پنهنجي آخرت جي تباهي جو سامان ڪندا آهن.اهڙن ماڻهن جي باري ۾

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان ٻڌو: چئن قسمن جا جهنّمي جيڪي ٻڙڪندڙ پاڻي ۽ باهہ جي وچ ۾ ڊوڙندي پڇندي ويل ۽ ٿبور

(هلاڪت) گهرندا هوندا. انهن مان هڪ اهو شخص هوندو، جنهن جي وات مان گند ۽ رت وهندو هوندو. جهنّمي چوندا: ”انهي بدبخت کي ڇا ٿيو، اسان جي تڪليف ۾ اضافو پيو ڪري؟“ چيو ويندو: ”اِهو بدبخت، خبيث ۽ بُري ڳالهه ڏانهن توجهه ڪري ان مان لذّت حاصل ڪندو هو جيئن جماع جي ڳالهين مان.“
( اِتحافُ السّادَة للزّبيدي ج۹ ص187 دارالڪتب العلميه بيروت)

حضرت سَيِّدُنا شُعيب بن ابي سعيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي فرمائن ٿا: ”جيڪو بي حيائي جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيندو ته قيامت جي ڏينهن ان جي وات مان گند ۽ رت وهندو.“ (اَيضاً ص۸۸۱)

## ڪُتي جي شڪل ۾:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شهوت جي تسڪين جي خاطر تنهنجي شادي، منهنجي شادي چوندي بي حيائي جون ڳالهيون ڪرڻ وارا، ڊرامن جا شوقين، وي سي آر تي بيهوده فلمون ڏسڻ وارا، سينما گهرن ۾ وڃڻ وارا، فلمي گانا چوڻ وارا بيان ڪيل حديث پاڪ مان عبرت جو سبق پرائين. ياد رکو! حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن مَيسره رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ فرمائن ٿا: ”فُحش ڪلامي (يعني بي حيائي واريون ڳالهيون) ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن ڪُتي جي صورت ۾ ايندو.“
(اتحاف السادة للزبيدي ج 9، ص 190)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ الحنّان فرمائن ٿا: خيال رکڻ گهرجي ته سيئي انسان قبرن مان انساني صورتن ۾ اٿندا پوءِ محشر ۾ پهچي، ڪن جون صورتون بگڙجي وينديون. (مراٰة ج 6 ص 660)

## رِسالو ”با حيا نوجوان“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلافِ ڪرام عَلَيهم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ السَّلام جي شرم و حيا ۽ حيا جي موضوع بابت اهم معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جو 64 صفحن تي مشتمل رسالو ”باحيا نوجوان“ جو مطالعو

ڪيو. پنهنجي هن رسالي ۾ حيا جو وصف، ان جا قسم، حيا جا احڪام، دَيوث ۽ فاسق جي وصف، عورتن جي اصلاح جو طريقو، عضوئن جي حياء جو بيان ۽ ٻين گهڻن مدني گلن کي بيان ڪيو آهي، مڪتبة المدينہ هڪ ٻي رِسالي تذڪره اميرِ اهلسنّت قسط 7 بنام”پيڪرِ شرم و حيا“ بہ شائع ڪيو آهي، هن رِسالي ۾ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مبارڪ زندگي جا ڪجهہ واقعا اسان جي تربيت جي لاءِ بهترين رهنمائي فرمائي رهيا آهن، تنهنڪري اڄ ئي انهن ٻنهي رسالن کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هدِيةً طلب ڪيو ۽ ٻين کي بہ تحفي طور پيش ڪيو. اهي ٻئي رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ(يعني پڙهي) بہ سگهو ٿا، ڈاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out)بہ ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انسانن ۾ شرم وحياءُ جي حوالي سان مختلف طبقا آهن، انهن مان ڪجهہ اللهعَزَّوَجَلَّ جا اهي نيڪ ٻانها آهن جيڪي ان جو خوف رکندي بي حيائي ۽ گناهن وارن ڪمن کان پري رهندا آهن، ڪي ماڻهن جي سامهون بدنامي جي خوف ۽ شرم جي وجہ سان بُرن ڪمن کان پاسو ڪندا آهن، پر ڪجهہ شرم وحياء کان عاري افراد اهڙا بہ آهن جنن کي بدنامي جي پروا ناهي هوندي، اهڙا ماڻهو بي خوف هر گناهہ ڪري وٺندا آهن، اَخلاقيات جون حدون ٽوڙي بداَخلاقي جي ميدان ۾ لهي ويندا آهن ۽ انسانيت کان ڪريل ڪم ڪرڻ ۾ ٿورو شرم محسوس ناهن ڪندا، ڏينهن رات انهن جا هٿ پير، زبان ۽ اک ۽ دل ودماغ گناهن ۾ لتڙيل رهندا آهن، يادرکو! اسان جا اهي سلامت عضوا الله عَزَّ وَجَلَّ جي نهايت وڏي نعمت آهن، اسان کي شڪرِ الٰهي ادا ڪندي انهن عضوئن کي گناهن کان بچائي الله عَزَّوَجَلَّ کان حيا جو حق ادا ڪرڻ گهرجي.

## الله عَزَّوَجَلَّ ڪان حيا ڪرڻ جي معنٰي

حضرت سَيِّدُنا عبدالله اِبْنِ مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ حضور اڪرم، نُورِ مُجسَّم، شاه بني آدم، رسول محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم کي فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ ڪان حياء ڪريو، جهڙو حياء ڪرڻ جو حق آهي.“ سَيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، اسان عرض ڪيو: ”اسان اللهعَزَّوَجَلَّ ڪان حياء ڪريون ٿا ۽ سيئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن“ ارشاد فرمايائون: ”ائين ناهي، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ ڪان ڪماحَقُّہٗ حياء ڪرڻ جي معنيٰ هي آهي تہ مٿو ۽ مٿي ۾ جيترا عضوا آهن انهن جي، پيٽ جي ۽ پيٽ جن جن عضون تي مشتمل آهي، انهن جي حفاظت ڪري ۽ موت، مرڻ ڪان پوءِ ڳرڻ سڙڻ کي ياد ڪري ۽ آخرت کي چاهڻ وارو دنيا جي سونهن ۽ سينگار ڇڏي ڏئي ٿو، تہ جنهن ائين ڪيو انهي الله عَزَّوَجَلَّ ڪان شرمائڻ جو حق ادا ڪيو.“

(مسند امام احمد، ٢ /٣٣،حديث:٣٦٧١)

۽ جيڪڏهن اسان سڄي زندگي هٿن پيرن کي گناهن ۾ مشغول رکيو، زبان کي فحش ڳالهين جو عادي بڻايو، اکين سان بدنگاهي ڪندا رهياسين تہ يادرکو! اهي ئي عضوا سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اسان جي خلاف گواه بڻجي ويندا، جيئن تہ سيپارو 18سُوْرَہ نُوْر جي آيت نمبر24 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۴﴾

**ترجَمو ڪنز الايمان:** جنهن ڏِينهن اُنهن تي شاهدِي ڏِينديُون سندن زِبانُون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير، جو ڪُجه ڪندا هُئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڊڄي وڃو ۽ گهبرائي جهٽ پٽ توبہ ڪري ونو، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اڄ جن عضون سان اسان بي حيائي وارا ڪم ڪندي نٿا شرمايون ۽ بنا ڊپ جي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ مشغول ٿي ويندا آهيون، سڀاڻي قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ اهي عضوا اسان جي خلاف گواه بڻجي اسان کي جهنم ۾ نہ پهچائي ڇڏين. ان ڪري اڄ ئي سمورن گناهن

ڪان سچي توبہ ڪيو ۽ آئنده بي حيائي جي تمام ڪمن ڪان بچڻ جي نيت ڪيو ۽ شرم وحيا اپنائڻ جي ڪوشش ڪيو. اچو! هاڻي شرم وحياءُ اپنائڻ جا ڪجھ طريقا پڙهون ٿا.

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها هڪ فِطري ڳالھ آهي تہ جيڪڏهن اسان کي تنهائي ۾ گناهہ ڪرڻ مهل اسان جو ڪو سڄاڻ وارو ڏسي وٺي تہ اسان گهڻو شرمسار ٿيندا آهيون، ان جي سامهون اچڻ ڪان بہ پاسو ڪندا آهيون، جيڪڏهن اسان اهو ئي ذهن پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ بہ ٺائي وٺون تہ ''اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڏسي رهيو آهي'' تہ هن طرح گناهن ڪان بچڻ سان گڏوگڏ اسان ۾ شرم ۽ حياءُ بہ پيدا ٿيندو.

## اکين جو قُفلِ مدينہ لڳائڻ جو هڪ مَدَني نسخو

حُجَّةُ الْاِسلام حضرتِ سيدُنا امام محمدغَزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه اِحْياءُ الْعُلُوم ۾ نَقل فرمائن ٿا: هڪ شخص حضرت سيدنا جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪان پڇيو: نگاهون جهڪائي رکڻ لاءِ مون کي ڪهڙي ڳالھ مدد ڏئي سگهي ٿي ؟ ارشاد فرمايائون: اهو ذهن ٺايو تہ جنهن ڏانهن توهان نظر ڪري رهيا آهيو ان ڪان پهريان توهان کي هڪ ڏسڻ وارو (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ) ڏسي رهيو آهي.

(احياء العلوم، ۳۲۵/۵ )

## حياء جا فضائل ۽ بي حيائي جون سزائون:

شرم ۽ حياء جي عادت اپنائڻ جي لاءِ هر هر حياء جا فضائل ۽ بي حيائي جون وَعِيديون پڙهندا يا ٻڌندا رهو ۽ ان باري ۾ غور ۽ فڪر ڪيو، ٻين کي بہ اهي روايتون ٻڌائي انهن جو بہ ذهن ٺايو. ان جو فائدو اهو ٿيندو تہ اهي روايتون اسان جي ذهن ۾ محفوظ رهنديون ۽ بي حيائي ۽ بُرن ڪمن ڪان بچندي شرم ۽ حياء نصيب ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## بُزرگانِ دين جي سيرت جو مطالعو ڪيو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شرم ۽ حَيا پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ بُزرگانِ دين جا واقعا ۽ اُنهن جي سيرت جو مطالعو ڪيو وڃي، بعض اوقات الله وارن جي سيرت ۽ ڪردار سان متاثر ٿي بي حيائي ۽ گُناهن جي ڪمن کان نفرت،نيڪين ڏانهن رغبت ۽ اُنهن جهڙو ٿيڻ جي چاهت پيدا ٿيندي آهي. صحابيِ رسول حضرتِ سَيِدُنا سلمان فارسيرَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شرم وحيا بابت سندن فرمان پڙهو، جيئن پاڻ فرمائن ٿا "مان مران پيهر زنده ٿيان، وري مران وري زنده ٿيان، وري مران وري زنده ٿيان تڏهن بہ مون وٽ ان کان بهتر آهي جو مان ڪنهن جي اوگهڙ (يعني شرمگاه) کي ڏسان يا ڪو منهنجي اوگهڙ کي ڏسي. (تَنْبِيه الْغَافِلِين ص٢٥٨)

## سٺي صحبت اپنايو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حياءُ جي نَشوونُما ۾ ماحول ۽ تربيت جو بہ وڏو عمل دَخل هوندو آهي.حيادار ماحول مُيسَّر اچڻ جي صورت ۾ حياءُ کي خوب نِکار ملندو آهي جڏهن تہ بي حيا ماڻهن جي صحبت قلب (يعني دل) ۽ نگاه جي پاڪيزگي سَلْب ڪري بي شرم ڪندي آهي ۽ انسان بي شمار غير اَخلاقي ۽ ناجائز ڪمن ۾ مُبتَلا ٿي ويندو آهي. هر مسلمان کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪري ۽ ڪنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ کان پهريان اهو غور ڪري وٺي تہ اهو ڪنهن جي صحبت اختيار ڪري رهيو آهي، چوتہ دينداردوست تلاش ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي حضرت سَيِدُنا عُمر فارُوق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا "سچا دوست تلاش ڪيو ۽ انهن جي پناه ۾ زندگي گُذاريو چوتہ اهو خوشي جي حالت ۾ زينت ۽ آزمائش جي وقت سامان آهي ۽ ڪنهن گناهگار جي صحبت اختيار نہ ڪيو نہ تہ ان کان گناه ڪرڻ ئي سکندؤ.

( احياء العلوم، ٢/٢١٣)

## بي حيائي جي نقصانن تي غور ڪري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي حيائي جا اُخروي نُقصان تہ پنهنجي جڳهہ آهن، ان جا دنياوي نُقصان بہ گهٽ نہ آهن، بي حيا انسان معاشري ۾ ذليل وخوار ٿيندو آهي، اُن جو رُعب ۽ دَٻدٻو بہ ختم ٿي ويندو آهي ، ماڻهن جي دِلين ۾ ان جي لاءِ ٿوري بہ عزت ۽ وُقعت ناهي رهندي، ان ڪان علاوه ٻيا بہ ڪيئي نُقصان آهن بهر حال پنهنجي اندر شرم وحياء پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ اسان بي حيائي جي نُقصانن تي غور ڪيون ۽ ان جا اُخروي نُقصان تہ ويتر وڌيڪ سخت آهن جيئن تہ حضرتِ سيدُنا ابراهيم بن مَيسَره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: "فحش ڪلامي (يعني بي حيائي جون ڳالهيون) ڪرڻ وارو قِيامت جي ڏينهن ڪتي جي شَڪل ۾ ايندو. (اِتحافُ السّادَةِ للزّبيدي ج۹ ص۱۹۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان اسلافِ ڪرام جي شرم و حياءُ جي باري ۾ بيان ٻڌو.

♣ حضرت سيدنا عثمانِ غنيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو شرم و حياءُ ڪهڙو هو جو شرم و حياءُ جا پيڪر،ٻنهي جهان جا سرْوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سندن شرم و حياء جو اِڪرام ڪندا هئا ♣ حضرت سيدنافاروقِ اعظمرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مبارڪ دَور جي متقي ۽ پرهيزگار نوجوان کي خوفِ خدا ۽ شرم وحياء جي سبب مرڻ کان پوءِ 2 جنّتون عطا ڪيون ويون. ♣ خاتونِ جنّت،شهزادي ڪونَين، حضرت سيدَتُنا فاطِمةُ الزّهرارَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شرم و حياء سان مالا مال واقعو اُمّتِ مسلمہ جي عورتن جي لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي ♣ شرم وحياء انسان جي زندگي ۾ نکار پيدا ڪري ان کي معاشري جو معزّز فرد بڻائيندو آهي ۽ ان جي برعڪس بي حيائي انسان کي ذليل ۽ رسوا ڪندي آهي♣ بي حيائي بد بختي جي علامت آهي ♣ بي حيائي دل کي پٿر جيان سخت ڪندي آهي ♣ بي حيائي انسان کي

معاشري جو ذليل فرد بڻائيندي آهي ♣ بي حيائي مُنافق جي علامت آهي♣ بي حيائي جنّت کان پري ۽ جهنم جي ويجهو ڪندي آهي ♣ بي حيائي ذلّت ڪي انسان جو مقدّر بڻائيندي آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي شرم وحياء جي دولت سان مالا مال فرمائي اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر
چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ويهڻ جو سُنتون ۽ آداب

ويهڻ جون سنتون۽ آداب ملاحظ فرمايو ❋ سُرين (يعني ڏُڏ) زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري ٻنهي ٻانهن کي گوڏن جي چوڌاري ورايو ۽ هڪ هٿ سان ٻئي کي پڪڙيو، ان ريت ويهڻ سنّت آهي، (پر ان دؤران گوڏن تي ڪا چادر وغيره وجهڻ بهتر آهي) (مرآۃالمناجیح،۶/۳۷۸) ❋ پلٿي هڻي ويهڻ بہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي. ❋ جتي ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ هجي اتي نہ ويهو. حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

ان تان ڇانوَ ختم ٿي وڃي ۽ ھو ڪجھ اُس ۾ ڪجھ ڇانوَ ۾ رھجي وڃي تہ ان کي گھرجي تہ ان جاءِ تان اٿي وڃي. (ابو داود،ڪتاب الادب،باب في الجلوس بين الظل و الشمس، حديث ۴۸۲۱، ج۴،ص۳۳۸) ✽ **قبلي ڏانھن منھن ڪري ويھو.** (رسائل عطاريہ حصو 2 ص 229) اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: پير ۽ استاد جي جاءِ تي انھن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويھي. (فتاويٰ رضويہ، ج 24 ص 369، 424) ✽ جڏھن بہ اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻھن کي اورانگھي اڳتي نہ وڌو جتي جڳھ ملي اتي ئي ويھي رھو. ✽ جڏھن ويھو تہ جوتا لاھي ويھو توھان جي پيرن کي آرام ملندو.

(جامع صغير ،حديث:۵۵۴،ص۴۰ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بھار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتون ۽ آداب“ ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙھو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آھي.

عاشقانِ رسول، آئيں سنت کے پھول
دينے لينے چليں، قافلے ميں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## (4) ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net